# Why Marxists Oppose Individual Terrorism?
# مارڪسسٽ انفرادي دهشتگردي جي مخالفت ڇو ڪندا آهن؟

ليون ٽراٽسڪي

ترجمو : ونود ڪمار

اسان جي طبقاتي دشمنن ڪي اڪثر اسان ڪان دهشتگردي جي شڪايت رهندي آهي، انهن جو مطلب اجان تائين غير واضع آهي، هو چاهيندا آهن ته پرولتاريه جي طبقاتي دشمنن جي مفادن جي خلاف تمام سرگرمين ڪي دهشتگردي قرار ڏئي ڇڏين. انهن جي نظر ۾ هڙتال دهشتگردي جو بنيادي طريقو آهي، هڙتال جي ڌمڪي، هڙتال جي تياري، ظالم آفيسر جو معاشي بائيڪاٽ، پنهنجي وچ ۾ ڪنهن غدار جو اخلاقي بائيڪاٽ، انهن سڀني ڪي هو دهشتگردي چون ٿا. جيڪڏهن دهشتگردي ان معني ۾ ورتي وڃي جيئن ڪو به ڪم جنهن سان خوف پيدا ٿئي يا دشمن ڪي نقصان پهچايو وڃي ته پوءِ سڄي طبقاتي جنگ دهشتگردي ڪان سواءِ ڪجه به نه آهي ۽ جيڪو سوال رهجي وڃي ٿو اهو هي آهي ته ڇا بورجوا سياستدانن وٽ اهو حق آهي ته هو پرولتاري دهشتگردي ڏانهن نفرتن جو سيلاب وهائي ڇڏين جڏهن ته انهن جي پنهنجي حڪومت، پنهنجا قانون، پوليس ۽ فوج سان گڏ سرمائيداراڻي دهشتگردي ڪان سواءِ ڪجه به نه آهي.

پر اهو ضرور چوڻ گهرجي تي جڏهن هو اسان ڪي دهشتگرد چئي تنقيد ڪندا آهن ته هو ڪوشش ڪري رهيا هوندا آهن (پلي لاشعوري طور تي) ته هن لفظ ڪي اڻ سڌي ريت مطلب ڏنو وڃي. مثال طور پورهيتن طرفان مشينن ڪي نقصان پهچائڻ هن لفظ مطابق دهشتگردي آهي. آجر جو قتل، فيڪٽري ڪي باهه لڳائڻ يا مالڪ ڪي قتل جي ڌمڪي يا ڪنهن وزير جي قتل جو ارادو صحيح معني ۾ دهشتگردي آهي. پر جنهن ڪي به عالمي سوشل ڊيموڪريسي بابت ڄاڻ هوندي اهو ضرور ڄاڻندو هوندو ته سوشل ڊيموڪريسي هميشه ان قسم جي دهشتگردي جي پرزور مخالفت ڪئي آهي.

## آخر ڇو؟

هڙتال جي ڌمڪي سان يا هڙتال ڪري دهشت ڦيلائڻ اهڙو ڪم آهي جيڪو صرف صنعتي مزدور ئي ڪري سگهن ٿا. هڙتال جي سماجي افاديت سڀ ڪان پهرين ان شئي ته پاڙي ٿي ته هو صنعت يا ڪمپني جي ڪيتري وڏي حصي ڪي متاثر ڪري ٿي ۽ ٻيو هي ته جيڪي مزدور ان ۾ حصو وٺي رهيا آهن اهو ڪيتري حد تائين منظم آهن ۽ ويڙهه جي لاءِ ڪيترا تيار آهن. اهو سياسي هڙتال جي لاءِ به ايترو ئي صحيح آهي جيترو معاشي هڙتال جي لاءِ. هي جدوجهد جو اهو طريقو آهي جيڪو پرولتاريه جي جديد معاشري ۾ پيداواري ڪردار جي هڪ ڪڙي آهي.

## عوام جي ڪردار جي اهميت ڪي گهٽائڻ

سرمائيداراڻي نظام ڪي قائم ڪرڻ لاءِ هڪ پارلياماني ڍانچي جي ضرورت هوندي آهي پر جڏهن ته هي پرولتاريه ڪي سياسي چالبازي جي ذريعي قيد نٿو رکي سگهجي ان سبب دير سوير مزدور ڪي پارليامنٽ ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏيڻي پوندي آهي. چونڊن ۾ پرولتاريه جو عوامي ڪردار ۽ ان جي سياسي ارتقا جي سطح (مقدار جن جو تعين سماجي ڪردار جيڪو سڀ ڪان وڌيڪ پيداواري ڪردار سان ٿيندو آهي) پنهنجو اظهار ڳولهي ٿي.

هڙتال يا چونڊن ۾ جدوجهد جو طريقي ڪار، مقصد ۽ نتيجو هميشه پرولتاريه جي هڪ طبقي جي حيثيت سان طاقت ۽ سماجي ڪردار تي پاري ٿو. صرف پورهيت ئي هڙتال ڪري سگهن ٿا. جن ڪاريگرن ڪي ڪارخاني تباهه ڪري ڇڏيو آهي، اهو غريب جن جي پيڻ جو پاڻي ڪارخاني جي ڪري زهريلو ٿي رهيو آهي يا روزگار جا وانجهائيندڙ لاچار ماڻهو مشينن ڪي تباهه ڪري سگهن ٿا، فيڪٽري ڪي باهه لڳائي سگهن ٿا يا مالڪ ڪي قتل ڪري سگهن ٿا.

صرف باشعور ۽ منظم پورهيت طبقو پارليامنٽ ۾ پنهنجا مضبوط نمائيندا موڪلي سگهي ٿو ته جيئن اهي پرولتاريه جي مفادن جي ترجماني ڪري سگهن. جڏهن ته هڪ وڏي آفيسر ڪي قتل ڪرڻ لاءِ پاڻ سان عوامي حمايت جي ضرورت ناهي هوندي. تباهي آڻيندڙ مواد ناهڻ جو طريقو هر ڪنهن لاءِ موجود آهي ۽ بارود ڪٿان ڪان به وٺي سگهجي ٿو. پهرين قسم جي جدوجهد جي لاءِ هڪ سماجي جدوجهد جي ضرورت هوندي آهي جنهن جو طريقي ڪار ۽ وسيلا موجوده سماجي نظام

مان حاصل ڪيا وڃن ٿا جڏهن ته ٻئي قسم جي طريقي ڪار ۾ هڪ ميڪانڪي ردِعمل هوندو آهي جيڪو هر معاشري ۾ هڪ جهڙو ئي هوندو آهي، ظاهري طور جذباتن ڪي اپاريندڙ نظر ايندو آهي (قتل، ڌماڪي وغيره) پر جيستائين سماجي نظام جي تبديلي جي ڳالهه آهي ته ان لاءِ هي ڪو به ڪردار ادا نٿو ڪري سگهي.

هڪ هڙتال، ڀلي گهڻي وڏي نه هجي، سماجي نتيجا ڏئي ٿي، پورهيتن جي خوداعتمادي ۾ اضافو ڪري ٿي، ٽريڊ يونين ۾ وڌارو آڻي ٿي ۽ پيداواري ٽيڪنيڪ ۾ بهتري آڻي ٿي. ڪارخاني جي مالڪ جو قتل صرف پوليس جي سطح جا اثر مرتب ڪري ٿو يا مالڪن ۾ تبديلي آڻي ٿو جنهن جي ڪا به سماجي افاديت نه آهي. هڪ دهشتگرداڻي ڪوشش، ڀلي ڪامياب ئي ڇو نه هجي، حڪمران طبقي ڪي پريشاني ۾ وجهي ٿي يا نه اهو ٺوس سياسي حالتن تي ٻڌل آهي. پر ڪهڙيون به حالتون هجن هي پريشاني گهٽ عرصي لاءِ هوندي آهي. سرمائيداراڻي رياست سرڪاري وزيرن جي تابع ناهي هوندي ۽ نه ئي انهن جي خاتمي سان ختم ٿيندي آهي. هي رياست جن طبقن جي خدمت ڪري رهي هوندي آهي اهي هميشه نوان ماڻهو ڳولهي وٺندا آهن، هي نظام موجود رهندو ۽ ڪم ڪندو رهندو.

پر پورهيت طبقي ۾ انهن دهشتگرداڻين ڪوششن سان جيڪا مايوسي ڦهلجندي آهي اها تمام گهڻي هوندي آهي. جيڪڏهن هڪ پستول سان مسلح ٿي ڪري پنهنجو مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو ته پوءِ طبقاتي جدوجهد جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

جيڪڏهن چپٽي جيترو بارود ۽ ٿورڙو شيهو دشمن ڪي مارڻ جي لاءِ ڪافي آهي ته طبقاتي طور تي منظم ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جيڪڏهن اعليٰ آفيسرن ڪي ڌمڪين جي ذريعي خوفزده ڪري سگهجي ٿو ته انقلابي پارٽي جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جيڪڏهن ڪو به شخص پارلياماني گيلري مان وزير ڪي نشانو بڻائي سگهي ٿو ته پوءِ جلسن، جلوسن ۽ اليڪشن ڇا جي لاءِ ضروري آهن؟

اسان جي نظرن ۾ انفرادي دهشتگردي جي ڪا به جڳهه نه آهي ڇو ته هي عوام جي شعور ۾ انهن جي ڪردار ڪي گهٽائي ٿي، انهن ڪي ڪمزوري جو احساس ڏياري ٿي ۽ انهن جي اميدن ڪي هڪ وڏي مسيحا ڏانهن لڳائي ڇڏي ٿي جيڪو هڪ ڏينهن انهن ڪي سندن مصيبتن ڪان ڇٽڪارو ڏياري انهن جو مقصد پورو ڪندو. عملي ڪم جو پروپيگنڊا ڪرڻ وارا انارڪسٽ هن ڳالهه لاءِ بيشمار دليل ڏئي سگهن ٿا ته دهشتگردي ڪهڙي ريت پرزور انداز ۾ عوام تي اثرانداز ٿئي ٿي. نظرياتي غور ۽ سياسي تجربا ان جي برعڪس صورتحال پيش ڪن ٿا. دهشتگردي جو عمل جيترو وڌيڪ ڪامياب هوندو ايترو ئي هو عوام جي پنهنجي تعليم ۽ تنظيم ۾ دلچسپي ڪي گهٽائيندو. جيئن ئي پريشاني جي فضا ختم ٿيندي آهي، زندگي ٻيهر پنهنجي پراڻي رستي تي هلڻ شروع ڪري ٿي، سرمائيداراڻي استحصال جو ڦيٿو ٻيهر ڦرڻ لڳي ٿو ته صرف پوليس جو تشدد وڌيڪ وحشي ٿي ويندو آهي ۽ نتيجي ۾ اميدن، امنگن ۽ ولولي جي جڳهه بي حسي ۽ مرده دلي وٺي ٿي.

ردِانقلابي قوتن جون ڪوششون ته هڙتالين ۽ پورهيتن جي تحريڪن ڪي هميشه جي لاءِ ختم ڪيو وڃي پر هر واري انهن جون ڪوششون ناڪام ٿيون آهن. سرمائيدار معاشري ڪي هڪ متحرڪ ۽ سمجدار پرولتاريه جي ضرورت رهي آهي، ان ڪري هي ڪڏهن به گهڻي عرصي تائين پرولتاريه جا هٿ پير ٻڌي نٿو رکي سگهي. ٻي پاسي انارڪسٽن جي ”عملي ڪم“ جي پروپيگنڊا هر پيري ئي ڏيکاري ٿي ته رياست دهشتگرد گروپن ڪان وڌيڪ تباهي ۽ بربادي ڦهلائي سگهي ٿي.

جيڪڏهن ائين ئي آهي ته پوءِ انقلاب ڪيئن ايندو؟ هن صورتحال ۾ ڇا اهو مممڪن آهي؟ بلڪل نه! انقلاب صرف ميڪانڪي وسيلن جو ڪٺ ناهي انقلاب طبقاتي جدوجهد جي اڳتي وڌڻ سان ايندو آهي، ۽ هي صرف پرولتاريه جي سماجي ڪردار سبب ئي ماڻي سگهي ٿو، وسيع پئماني تي هڙتال، مسلح بغاوت، رياستي اقتدار تي قبضو، هن جو تعين انهن شين مان ٿيندو آهي ته پيداوار ڪهڙي مرحلي تي پهچي چڪي آهي، طبقاتي طاقتن جي صفبندي، پرولتاريه جو سماجي وزن ۽ سڀ ڪان آخر ۾ فوج جي سماجي ترڪيب ڇا آهي؟ ڇو ته هٿيار بند فوج ئي اهو عنصر آهي جيڪو انقلاب جي وقت رياستي اقتدار جي قسمت جو فيصلو ڪندو آهي. سوشل ڊيموڪريسي ايتري حقيقت پسندي آهي ته جيڪو انقلاب موجوده تاريخي حالت ۾ جنم وٺي رهيو آهي اُن سان پرهيز نه ڪري پر ان جي برعڪس انقلاب سان ڪليل اکين سان وڃي ملي. پر (انارڪسٽن جي برعڪس ۽ انهن جي خلاف جدوجهد ۾) سوشل ڊيموڪريسي انهن تمام طريقن ۽ وسيلن ڪي رد ڪري ٿي جيڪي مصنوعي طور تي معاشري جي ترقي تبديل ڪرڻ چاهين ٿا ۽ پرولتاريه جي ناڪافي قوتن ڪي ڪيميائي طريقن سان مدد فراهم ڪندا آهن، ان ڪان پهرين جو ان ڪي سياسي جدوجهد جي درجي تي پهچائجي دهشتگردي انتقام جي شڪل ۾ پنهنجو پاڻ ڪي ظاهر ڪندي آهي، جيئن روس ۾ هيو جيڪو دهشتگردي جو تاريخي وطن آهي، سياسي قيدن تي تشدد ويراززيولچ ڪي اپاريو ته هو عوامي نفرت جي نمائندگي ڪندي جنرل ٽريپوف تي قاتلاڻو حملو ڪري. ان جي مثال ڪي سامهون رکندي انقلابي دانشورن جيڪي پهريائين عوامي حمايت ڳولهي رهيا هئا ان جي پوئين واري ڪرڻ شروع ڪري ڏني جيڪو عمل بغير سوچي سمجهي هڪ انتقامي عمل هيو 81-1879ع ۾ ترقي ڪري هڪ مڪمل نظام بنجي چڪو هيو، اولهه يورپ ۽ اتر آمريڪا ۾ انارڪسٽن جي قاتلاڻي ڪاروائين جي پويان هميشه حڪومت جي ڪا نه ڪا ظالماڻي ڪاروائي هوندي آهي، جيئن هڙتال ڪندڙن تي گولي هلائڻ يا سياسي مخالفن جو قتل. دهشتگردي جو سڀ ڪان اهم نفسياتي پهلو انتقام جو جذبو هوندو آهي، جيڪو ٻاهر نڪرڻ جو رستو تلاش ڪندو رهندو آهي، ان نڪتي تي محنت ڪرڻ جي ضرورت ناهي ته سوشل ڊيموڪريسي ۽ اخلاقيات فروش پسندن ۾ ڪا

قدر هڪ جهڙي ناهي جيڪا ڪنهن به دهشتگردي جي عمل جي جواب ۾ انساني زندگي جي ‘‘قدر’’ جي باري ۾ بيان ڏيندا آهن، هي اهي ماڻهو آهن جيڪي ٻين موقعن تي، انهي ‘‘قدر’’ جي نالي تي (مثال جي طور تي قومي غيرت يا حڪمران جي عزت) لکين ماڻهن کي جنگ جي دوزخ ۾ ڌڪي ڇڏيندا آهن. اڄ انهن جو هيرو اهو وزير آهي جيڪو نجي ملڪيت جو مقدس حق ڏيندو آهي ۽ سپاڻي جڏهن پورهيت جو بيچين هٿ مٺ ٻڌجي ويندو آهي يا هٿيار کڻي وٺندو آهي ته هو تشدد جي ڪنهن به شڪل ۾ اجازت ڏيڻ جي مخالفت ڪندا آهن ۽ ان جي حق ۾ فتوائون ٻڪندا آهن.

اخلاقيت پسندي جا درباري ڪڻي ڪجهه به چون بدلي جي جذبي جا پنهنجا حق هوندا آهن، هي پورهيت طبقي کي اهو اخلاقي حق ڏيندو آهي جيڪو هن دنيا ۾ ڪنهن ٻئي هنڌان مهيا نٿو ڪري سگهجي. اسان کي پرولتاريه جي بدلي جي باهه کي وسامڻ نه ڏيڻو آهي پر ان کي بار بار پرڪائڻو آهي ته جيئن ان کي تيز ڪري سگهجي ته جيئن هن کي ناانصافي ۽ انساني تذليل جي اصل سببن ڏانهن موڙي سگهجي اهو ئي سوشل ڊيموڪريسي جو مقصد آهي.

اسان انهي ڪري انفرادي دهشتگردي جي مخالفت ڪندا آهيون ڇو ته انفرادي بدلو اسان کي سڪون نٿو ڏئي، سرمائيداراڻي نظام سان جيڪو حساب ڪتاب ڪرڻو آهي اهو ايترو وڏو آهي جو هڪ سرڪاري ملازم جنهن کي وزير چوندا آهن جو قتل پورو نٿو ڪري سگهي، انسانيت خلاف ٿيندڙ تمام ڏوهن کي ڏسندي، اهي سب تذليلون جيڪي انساني جسم ۽ روح سان ڪيون وينديون آهن انهن کي موجوده معاشري جي اظهار طور سمجهڻ ۽ پنهنجي تمام توانائين کي موجوده نظام خلاف جدوجهد ۾ گڏ ڪرڻ ئي اهو واحد رستو آهي جنهن وسيلي بدلي جي پرڪندڙ جذبن کي پنهنجي اعليٰ ترين تسڪين تي پهچائي سگهجي ٿو.’